# اَمڙ جي

## دعا جو اثر

15-February-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brohters)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اَمڙ جي دعا جو اثر

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زمزم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف ڪائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد اللّٰه تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري** (يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُود شريف جي فضيلت

**نبي اَڪرم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن اِرشاد فرمايائون: جيڪو شخص مون تي**

دُرُودِ پاڪ پڙهڻ وسري ويو، اهو جنّت جو رستو ڀلجي ويو.
(مجمع الزوائد، ١٠/٢٥٥، حديث: ١٧٣٠٧)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود ان پہ سدا میں اور ذکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَمڙ جو شان!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ”ماءُ“ قُدرت جو اَنمول تحفو آهي، ماءُ جو مقام قرآن ۽ حديث ۾ بيان ٿيو آهي، ماءُ جو فرمانبردار الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، ماءُ اَولاد جي آرام خاطر پنهنجي آرام کي قربان ڪندي آهي، ماءُ جي جگر جي خون مان اَولاد جو وجود بڻجندو آهي، ماءُ ڪيئي سالن تائين پنهنجي اَولاد کي ٿڃ ڪي ڏئي سُمهاريندي آهي، ماءُ بيمار اَولاد کي ڏسي تڙپندي ۽ لڙڪ وهائيندي آهي، ماءُ بيمار اَولاد جي ڪري سخت سيءَ ۾ بہ سڄي سڄي رات جاڳي گذاريندي آهي، ماءُ بيمار اولاد جي خاطر مهانگن اسپتالن ۽ دواخانن جا چڪر ڪٽڻ گوارا ڪندي آهي، ماءُ اَولاد جو مستقبل سَنوارڻ لاءِ پنهنجي سڄي زندگي کي اَولاد جي لاءِ وَقف ڪندي آهي، ماءُ اَولاد جي لاءِ ڇانو ڪندڙ وڻ جيان هوندي آهي، ماءُ پاڻ گرمي برداشت ڪري اَولاد کي هوا ڏيندي رهندي آهي، ماءُ اَولاد کي ڇانوء ۾ ويهاري پاڻ اُس ۾ ويهي رهندي آهي، ماءُ اَولاد جا ناز نخرا برداشت ڪندي آهي، ماءُ قَرض کڻي بہ اَولاد جي فرمائشن کي پُورو ڪندي آهي، ماءُ پنهنجي مڙس جي وَفات (Death)کان بعد اَولاد کي دَربَدَر ڀٽڪڻ ناهي ڏيندي، ماءُ اَولاد جي پيدائش کان پهريان، پيدائش جي دَوران ۽ بعد وارين تڪليفن کي برداشت ڪندي آهي ماءُ اَولاد کي سنو انسان ناهيندي آهي، ماءُ پنهنجي حصّي جو گرهہ بہ اَولاد جي وات ۾ وجهي خوش ٿيندي آهي ۽ پاڻ بکايل سمهي پوندي آهي، ماءُ اولاد کي گرم بستر ۾ ليٽائيندي ۽ پاڻ ٿڌي فرش تي ليٽي پوندي آهي، ماءُ اولاد جي لاءِ بُرو ناهي سوچيندي، ماءُ اولاد کي خوش ڏسي خوش ٿيندي آهي، ماءُ اولاد کي ڏک تڪليف ۾ مبتلا ڏسي بيقرار ٿي ويندي آهي، ماءُ مشڪلاتن ۾ اَولاد کي حوصلو ڏيندي آهي،ماءُ معذور اَولاد کي بہ بي سهارو ناهي ڇڏيندي،ماءُ نافرمان اَولاد تي بہ شفقت۽ مهرباني ئي ڪندي آهي، ماءُ نہ هجي تہ گهر ويران لڳندو

آهي،ماءُ جو خدمت گار چينءُسکون جي زندگي گذاريندو آهي، ماءُ جي خدمت اَولاد کي جنّت ۾ داخل ڪرائيندي، ماءُ کي راضي رکڻ اولاد تي لازم آهي، ماءُ جي حقن مان آجو ٿيڻ ناممڪن آهي جيئن تہ

## ماءُ کي ڪلهن تي کڻي گرم پٿرن تي ڇهہ ميل........

هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ بارگاهِ نبوي ۾ عرض ڪيو: هڪ راهہ ۾ اهڙا گرم پٿر هئا جيڪڏهن گوشت جو ٽڪرو ان تي رکيو وڃي تہ اهو ڪَباب ٿي وڃي! مون پنهنجي ماءُ کي ڪلهي تي سوار ڪري ڇهن ميلن تائين کڻي هليس، ڇا مان ماءُ جي حقن مان آجو ٿي ويو آهيان؟ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: تنهنجي پيدا ٿيڻ تي سُور جا جيترا قدر جهٽڪا ان برداشت ڪيا شايد هي ان مان هڪ جهٽڪي جو بدلو ٿي سگهي.

(معجم صغير،۹۲/۱، حديث: ۲۵۷)

منا منا اسلامي ڀائرو!ماءُ ئي اها مهربان هستي آهي جيڪا اَولاد جي لاءِ روئي روئي دُعائون گهرندي آهي، ماءُ جي دُعا جنّت ۾ وٺي ويندي آهي، ماءُ جي دُعا ربّ ڪريم جو فرمانبردار بڻائيندي آهي، ماءُ جي دُعا بُرائين کان بچائيندي آهي، ماءُ جي دُعا اَولاد کي وِلايت جي رتبي تائين پهچائيندي آهي، ماءُ جي دُعا اَولاد جي قسمت سَنواريندي آهي، ماءُ جي دُعا اَولاد جي لاءِ قبول ٿيندي آهي، ماءُ جي دُعا ڪاميابيون ڏياريندي آهي، ماءُ جي دُعا نُزولِ رَحمت جو سبب آهي، ماءُ جي دُعا گناهن جي مُعافي جو ذَرِيعو آهي، ماءُ جي دُعا جي بَرَڪت سان ربّ ڪريم اَولاد تان مصيبتن ۽ آزمائشن کي ٽاريندو آهي. اچو! اچ اسان ماءُ جيِ دُعائن جي بَرَڪتن تي مُشتَمِل ڪجهہ اِيمان اَفروز واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪيون ٿا،جيئن تہ

## اَمڙ جي دعا جو اثر

حضرتِ سَيدُنا عبدُالرَّحمٰن بن اَحمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بَيان ڪن ٿا: مون پنهنجي والِد کي چوندي ٻڌو ته هڪ پيري هڪ پُوڙهيءَ عورَت حضرت سَيدُنا اِبنِ مَخلَد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاھ ۾ حاضِر ٿي عَرض ڪيائين: منهنجي جوان پٽ کي رُومين قَيد ڪري ورتو آهي. منهنجو هڪ ننڍڙو گهر آهي، ان جي عِلاوه مون وٽ ڪو به مال نه آهي ۽ ان گهر کي مان وڪڻي نٿي سگهان، تنهنڪري اوهان ڪنهن صاحبِ حَيثِيت کي چئو ته هو فِديو ڏئي منهنجي پٽ کي آزاد ڪرائي، ڇوته هاڻي نه مون کي ڏينهن جو قرار ايندو آهي ۽ نه رات جو ننڊ ايندي آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان کي تسلّي ڏيندي فرمايائون: مُحتَرَمہ! اوهان وڃو! مان اوهان جي معامَلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشِش ڪريان ٿو. راوِي چون ٿا: جڏهن اها بُيڙي هلي وئي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪنڌ جُهڪائي ويهي رهيا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا مبارَڪ چَپ چُري رهيا هئا (جيئن ڪجھ پڙهي رهيا هجن). ڪجھ عرصي ڪان پوءِ ساڳي ٻيڙي عورَت پنهنجي جوان پٽ کي گڏ وني، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي دُعائون ڏيندي چوڻ لڳي: (اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ) منهنجو پٽ سلامَتي سان موٽي آيو آهي ۽ هو اوهان جي بارگاھ ۾ پنهنجي سفر جي باري ۾ ٻڌائيندو، پوءِ

پٽ (آيو ۽) چيائين: مان قَيدين جي هڪ جماعت سان گڏ رُومي بادشاھ جي قَيد ۾ هئس، ان جي قبضي ۾ ڪوڙ باغ هئا، هو هر ڏينهن اسان کي پنهنجن باغن (Gardens) ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ موڪليندو هو ۽ (شام جو) واپَس قَيد خاني ۾ بند ڪندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن اسان مغرِب کان پوءِ (باغن ۾) ڪم ڪري واپَس قَيد خاني ڏانهن پئي آياسين ته اوچتو منهنجي پيرن ۾ ٻڌل مضبوط ٻيڙيون ازخود ٽُٽي زمين تي ڪري پيون. (راوِي جو بيان آهي ته) نَوجوان جنهن ڏينهن ۽ جنهن وَقت ۾ ٻيڙيون ٽٽڻ جي باري ۾ ٻڌايو هو، اهو ئي (ڏينهن ۽) وَقت هو جنهن ۾ بُيڙي حضرت سَيدُنا اِبنِ مَخلَد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي

بارگاھ ۾ دُعا جي لاءِ حاضِر ٿي هئي. سپاهين مون (يعني پوڙهيءَ عورَت جي پٽ) کان پڇيائون: ڇا تو ٻيڙيون ٽوڙيون آهن؟ مون چيو: نہ! اهي تہ خود بخود منهنجي پيرن مان ٽٽي ڪري پيون آهن. نَوجوان جي اها ڳالھ ٻڌي سپاهي گهڻا حَيران ٿيا ۽ اُنهن وچي پنهنجي اَفسر کي ٻڌايو، هو بہ حَيران ٿيو ۽ ان هڪدم هڪ لوهار کي گهرائي چيائين: ان نوجوان کي ٻيڙين ۾ قابو ڪيو! لوهار مون کي ٻيڙيون پارايون، اجا مان ڪجھ ئي قدم هليو هئس جو اهي ٻيڙيون ٻيهر منهنجي پيرن مان ٽٽي پيون.

منهنجي هن معامَلي تي سيئي ماڻهو گهڻا حَيران ٿيا ۽ اُنهن پنهنجي راهبن (مذهبي پيشوائن) کي سڏائي سڄي صورتِ حال کان آگاھ ڪيائون. راهبن سڄي گفتگو ٻڌي مون کان پڇيائون: ڇا تنهنجي والِده زِنده آهي؟ مون چيو: ها، راهب منهنجي ڳالھ ٻڌي اُنهن ماڻهن ڏانهن مُتَوَجِّہ ٿي چوڻ لڳا: الله ڪريم ان جي ماءُ جي دُعا قَبول ڪئي آهي. سِپاهي چيائوِن: جڏهن الله پاڪ توکي آزاد فرمايو آهي تہ اسان ڇاڪاڻ توکي ٻيڙين ۾ قيد رکون؟ اهو چئي رُومين مون کي رِها ڪري ڇڏيو ۽ مون کي مسلمانن جي حوالي ڪيو. (تہ ائين ماءُ جي دُعا ۽ سَيدُنا اِبنِ مَخلَد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بَرَڪت سان ان نوجوان کي رِهائي نصيب ٿي.) (عيون الحكايات، الحكاية الثامنة والاربعون بعدالمائة:دعوة بقي بن مخلد،ص١٦٦)

دُعائے ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی
ماں کی دُعا میں یہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

سُبۡحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان تہ اللّٰه کريم ماءُ جي دُعائن ۾ ڪيترو نہ اثر رکيو آهي جو ماءُ جڏهن پنهنجي اَولاد جي لاءِ دُعا ڪندي آهي تہ ربّ ڪريم ان جي ڪنيل هٿن جي لڄ رکندو آهي ۽ اَولاد جي لاءِ ان جي دُعا قَبول ڪندو آهي ايستائين جو ماءُ جي دِل مان نِڪرندڙ دُعائن جي بَرَڪت سان اللّٰه پاڪ اَولاد تان مصيبتن ۽ آزمائشن کي پري ڪندو آهي. تہ ڪيترا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جن جا والِدَين زِنده ۽ انهن کان راضِي آهن ۽ ڪيتري قَدر سَعادت مَند آهي اهو اَولاد جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ جو سَهارو بڻجندو آهي، انهن جي خدمت ڪري انهن جون دُعائون ڪٽندو آهي ۽ رِضاءِ الٰهي جو حق دار ٿيندو آهي تنهنڪري جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ ربّ ڪريم اسان سان راضِي رهي، رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کان خوش ٿي وڃن، اسان جا والِدَين اسان جي لاءِ دُعائون بہ ڪندا رهن تہ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي والِدَين جي قَدر ڪريون، انهن جي اِحسانن کي ياد رکون، اُن جي خلافِ مِزاج ڳالهين کان بہ درگذر ڪيون، انهن جو هر طرح سان خيال رکون، اُنهن سان سنو سُلوڪ ڪريون، اُن جي جائز ضَرورتن کي پُورو ڪريون، اُنهن جو هر جائز حڪم مڃون، خاص ڪري جڏهن والِدَين پوڙهائپ جي اڱڻ تي قَدم رکي چُڪا هجن چوتہ اهڙي وَقت ۾ اُنهن کي اَولاد جي همدَردِي جي تمام گهڻي ضَرورت هوندي آهي چوتہ پوڙهائپ ۾ انهن جا عضوا جواب ڏئي ويندا آهن، بدن بيمارين ۾ جَڪڙجي ويندو آهي ۽ پنهنجا بہ پَراوا ٿي ويندا آهن. ماءُ پيءُ جو پوڙهو ٿيڻ اِنسان کي اِمتِحان ۾ وجهندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن والدين پوڙهائپ ۾ پيشاب ۽ پاخاني جي مختلف مرضن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن جنهن جي ڪري عموماً اولاد بيزار ٿيندي آهي، پر ياد رکو! اهڙي حالت ۾ بہ والدين جي خدمت لازمي آهي، ننڍپڻ ۾ ماءُ بہ آخر ٻار جي گندگي برداشت ڪندي آهي،تہ

www.dawateislami.net

پوءِ پوڙهائپ ۽ بيمارين سبب ماءُ پيءُ ۾ ڪيتري ڀ چڙ جي عادت ٿئي، بنا ڪنهن سبب جي وڙهن، چاهي ڪيترو وڙهن، ۽ پريشان ڪري وجهن پر صبر صبر ۽ صبر ئي ڪرڻو آهي ۽ انهن جي عزت ئي ڪرڻي آهي، جي ها اهوئي مقامِ امتحان آهي، انهن سان بدتميزي ڪرڻ انهن کي دڙڪا ڏيڻ ته پري جي ڳالهه پر انهن جي اڳيان ”اُف“ ڀ ڪرڻ نه کپي، نه ته بازي هٿن مان نڪري سگهي ٿي ۽ ٻنهي جهانن ۾ تباهي مقدر بڻجي سگهي ٿي ڇوته والدين جي دل ڏکائڻ وارو هن دنيا ۾ ڀ ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ ڀ عذاب جو حقدار هوندو آهي.

## والِدَين کي برو ڀلو چوڻ جو انجام

حضرت سَيِدُنا اِمام اَحمدبن حَجَرمَکي شَافِعِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالىٰ عَلَيْه نَقل ڪن ٿا: نَبي اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عبرت نشان آهي: مِعراج جي رات مون ڪجھ ماڻهو ڏٺا جيڪي باهه جي ٽارين سان لٽڪيل هئا، مون پڇا ڪئي: اي جبرئيل! اهي ماڻهو ڪير آهن؟ عرض ڪيائين: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي بُرو ڀلو چوندا هئا. (الزواجر،۲/۱۳۹)

## قبر پاسراٽيون پڃي ڇڏيندي آهي

منقول آهي: جڏهن پيءُ جي نافرمان کي دفن ڪيو ويندو آهي ته قبر ان کي دٻائيندي آهي ايستائين جو ان جون پاسراٽيون (ٽٽي) هڪٻئي ۾ ملي وينديون آهن - (جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل،265/2)

دِل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا ورنہ ہے اِس میں خَسارہ آپ کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماءُ پيءُ جو مقام ۽ ان جو شان ۽ عظمت ڪيتري قدر بُلند آهي ان جو اَندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته الله ڪريم قُرآنِ پاڪ ۾ جتي پنهنجي عِبادت جو حڪم اِرشاد فرمايو آهي اتي ئي والِدَين سان ڀلائي ۽ اِحسان ڪرڻ جو حڪم به اِرشاد فرمايو آهي، جيئن ته

سپارو 15سُوره بَني اِسرائيل جي آيت نمبر23 ۽ 24 ۾ الله پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِیَّاهُ وَبِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًاؕ اِمَّا یَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِیْمًا(۲۳) وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّیٰنِیْ صَغِیْرًاؕ(۲۴)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ تنهنجي رب حڪم فرمايو ته ان ڪان سواءِ ٻي ڪنهن جي عبادت نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهائپ کي پهچي وڃن ته انهن کي اُف (هون) نه چئجان ۽ نه انهن کي جهڻڪ ۽ انهن سان ڳالهه تعظيم واري ڳالهاءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزي جا پر وڇاءِ، نرم دليءَ سان ۽ عرض ڪر اي منهنجا رب تون انهن ٻنهيءِ تي رحم ڪر جيئن جو انهن ٻنهيءِ مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو.

بيان ڪيل آيت سڳورين تحت حضرت علّامہ مَولانا سَيد مُفتي محمد نعيمُ الدّين مُرادآبادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: جڏهن والِدَين تي ضُعف (ڪمزوري) جو غَلَبو هجي، عضوئن ۾ قُوّت نه رهي ۽ جيئن تون ننڍپڻ ۾ انهن وٽ بي طاقت هئين ائين ئي هو به عُمر جي آخر ۾ تو وٽ ڪمزور رهجي وڃن. ته ڪا اهڙي ڳالهه زبان مان نه ڪيجان جنهن مان اهو سمجهيو وڃي ته انهن جي طرفان طبيعت تي ڪجهه بوجهه آهي. نه اُنهن کي ڏڙڪا ڏجان، نه تيز آواز سان ڳالهه ڪجان بلڪ ڪمالِ حُسنِ اَدب (تمام سني ادب) سان ماءُ پيءُ سان اهڙي طرح

ڪلام ڪر جيئن غُلام ۽ خادِم (پنهنجي) آقا سان ڪندا آهن. انهن سان نَرمي ۽ عاجزي سان پيش اچ، ۽ انهن سان ٿڪل وَقت ۾ شَفقت ۽ مَحَبَّت ڀريو ورتاؤ ڪر ڇوتہ اُنهن تنهنجي مجبوري جي وَقت توکي مَحَبَّت سان نپايو هو ۽ جيڪا شيء انهن کي کپي تہ انهن تي خَرچ ڪرڻ ۾ ڪنجوسي (بُخل) نہ ڪر. مطلب هي آهي تہ دنيا ۾ بهتر سُلُوڪ ۽ خدمت ۾ ڪيترو بہ مُبالَغو ڪيو وڃي پر والِدَين جي اِحسان جو حق ادا نٿو ٿي سگهي، ان ڪري انسان کي گهرجي تہ بارگاهِ اِلٰهي ۾ انهن تي فَضل ۽ رَحمت فرمائڻ جي دُعا ڪري ۽ عَرض ڪري تہ يارَبّ! منهنجون خدمتون انهن جي احسان جي جَزا (بدلو) نٿيون ٿي سگهن تہ تون انهن تي ڪرم ڪر تہ انهن جي اِحسان جو بدلو ٿئي.

سيپارو 1سُوْرَةُ الْبَقَرَہ جي آيت83 جي تحت فرمائن ٿا: والِدَين سان اِحسان جا جيڪي طريقا بيان ڪيا ويا آهن اهي هي آهن (1) تہ دل(يعني سچّي دل) سان انهن سان مَحَبَّت رکي، (2) رَفتار ۽ گُفتَار ۾ نِشَست ۽ بَرخَاست (اُٿڻ ويهڻ) ۾ اَدب لازِم ڄاڻي (3) انهن جي شان ۾ تعظيم جا لفظ ڳالهائي، (4) انهن کي راضِي ڪرڻ جي ڪوشِش ڪندو رهي، (5) پنهنجي نَفيس(سٺي) مال کي انهن کان نہ بچائي، (6) انهن جي مَرڻ کان بعد انهن جي وَصِيتن تي عمل ڪري)، (7) انهن جي لاءِ فاتِحہ، صَدَقات، تلاوتِ قرآن مان اِيصالِ ثواب ڪري، (8) اللّٰه ڪريم کان انهن جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪري، (9) هفتيوار انهن جي قَبر جي زِيارت ڪري، (10) والِدَين سان ڀلائي ڪرڻ ۾ اهو بہ داخِل آهي تہ جيڪڏهن اهي گناهن جا عادِي هجن يا ڪنهن بدمذهبي ۾ گرفتار هجن تہ انهن کي وڏي نرمي سان اِصلاح، تَقويٰ ۽ عقيده حَقَّہ (دُرُست عقيدن) ڏانهن آڻڻ جي ڪوشِش ڪري. مطلب تہ جيڪڏهن سڄي زِندگي والِدَين جي خدمت ڪئي وڃي تڏهن بہ انهن جي اِحسانن جو بدلو نٿو لهي سگهي. (خزائن العرفان،پ۱، البقره ،تحت الآية:۸۳)

بڑے بھائی بہن کا میں کہا مانا کروں ہردم　　　کروں ماں باپ کی دِن رات خدمت یارسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جھڙي طرح قرآنِ پاڪ ۾ والِدَين جي تعظيم ۽ تَوقير ڪرڻ جي تَرغِيب ڏياري وئي آهي اهڙي طرح احاديثِ مُبارَڪ ۾ بہ ڪيئي مقامن تي والِدَين جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري جو حڪم ۽ انهن جي شان ۽ عظمت ڪي بيان ڪيو ويو آهي. اچو! تَرغِيب طور 4 **فرامِينِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌو:

(1) فرمايائون: جڏهن اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر ڪري تہ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ان جي هر نظر جي بدلي حجِّ مَبرُور (يعني مقبول حج) جو ثواب لکندو آهي. صحابہِ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: جيتوڻيڪ ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا نظر ڪري! فرمايائون: نَعَمْ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَ اَطْيَبُ يعني "ها، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ اَطيَب (يعني سڀ کان وڌيڪ پاڪ آهي). (شُعَبُ الْاِيمان،۶ /۱۸۶ ،حديث: ۷۸۵۶)يعني ان ڪي سڀ ڪجھ قُدرت آهي، ان کان پاڪ آهي تہ ان ڪي ان (ثواب) ڏيڻ کان عاجِز چيو وڃي. (بهار شريعت،۵۵۴/۳،حصه ۱۶)

(2)فرمايائون: "جنهن پنهنجي والدين جي فرمانبرداريءَ جي حالت ۾ صبح ڪئي تہ ان جي لاءِ جنّت جا بہ دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن والدين مان ڪوبہ هڪ هجي تہ هڪ دروازو کُلندو آهي ۽ جنهن ان حالت ۾ صبح ڪئي جو پنهنجي والدين جو نافرمان هو تہ ان جي لاءِ جهنّم جا بہ دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن والدين مان ڪو هڪ هجي تہ هڪ دروازو کُلندو آهي. هڪ شخص عرض ڪيو: :وَاِنْ ظَلَمَاهُ؟ يعني جيتوڻيڪ اهي ظلم ڪن؟ ارشاد فرمايائون: جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن.

www.dawateislami.net

(شعب الايمان، باب في بر الو الدين،فصل في حفظ اللسان ...الخ،۲۰۶/۶،حديث:۷۹۱۶)

**(3) هڪ شخص عَرض ڪيو، يارَسُوْلَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!والِدَين جو پنهنجي اَولاد تي ڪهڙو حق آهي؟ فرمايائون: هُمَا جَنَّتُكَ وَنَارُكَيعني اهي ئي تنهنجي جنّت ۽ تنهنجي دوزخ آهن.**

(ابن ماجه، ڪتا ب الادب ، باب بر الوالدين ،رقم:۳۶۶۲ ،۴/ ۱۸۶)

**(4) هڪ شخص رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاه ۾ حاضر ٿي عرض گذار ٿيو: منهنجي حُسنِ اخلاق جو وڌيڪ حق دار ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: توهان جي ماءُ. ان عرض ڪيو: پوءِ ڪيرآهي؟ ارشاد فرمايائون: توهان جي ماءُ. ان وري عرض ڪيو:پوءِ ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: توهان جي ماءُ. عرض ڪيو پوءِ ڪيرآهي؟ تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: تنهنجو پيءُ -** (بخاري، ڪتاب الادب،باب من احقّ الناس بحسن الصحبة، ۹۳/۴،حديث:۵۹۷۱)

**اڇو دعا ڪريون ٿا:**

مُطِيْع اپنے ماں باپ کا کر میں اُنکا ہر ایک حکم لاؤں بجا یااِلٰہی

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل اَحاديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ ماءُ پيءُ جو مقام ۽ مَرتَبو نهايت بُلند ۽ اعليٰ آهي جو جيڪڏهن انسان انهن کي راضِي رکي تہ ان جي دُنيا ۽ آخِرت سَنورجي ويندي آهي جڏهن تہ انهن کي ناراض ڪرڻ جهنم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ والِدَين ڀلي ڪٽي ظُلم ڪندا هجن پر پوءِ بہ اَولاد تي انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ ضروري آهي بالفرض والِدَين ڪنهن ڪان ناراض هجن، ڏڙڪا ڏين، مارين يا بيزار ٿي گهران ڪڍي ڇڏين تہ ان کي کپي تہ هو ماءُ پيءُ کي قُصور وار چوڻ جي بدران پنهنجي ضمير جي ائين مَلامت ڪري تہ ان ۾ منهنجي پنهنجي ئي**

غَلَطي هوندي. جيڪڏهن مان انهن کي راضِي رکان ۽ انهن جو غلام بڻجي وڃان تہ اڄ مون کي اهو ڏينهن نہ ڏسڻو پوي ها ڇاڪاڻ تہ والِدَين تہ اَولاد تي تمام گهڻا مهربان هوندا آهن، آخر ڇو هو مون سان ان طرح جو سُلوڪ ڪندا. تنهنڪري اهي ماڻهو جن جا والِدَين زنده آهن اهي سوچين تہ ڇا اسان پنهنجي والِدَين جا حق پُورا ڪيون ٿا؟، ڇا اسان جا والِدَين اسان کان راضِي آهن، ڇا اسان انهن سان نرم انداز ۾ گفتگو ڪريون ٿا؟، ڇا اسان انهن جو هر جائز حڪم مڃون ٿا، ڇا اسان انهن سان لڙائي جهيڙو تہ نٿا ڪيون؟ ڇا اسان انهن جي اڳيان بد زباني تہ نٿا ڪيون؟ ڇا اسان انهن جي خدمت ڪي بوجھ تہ نٿا سمجهون؟ ڇا انهن جا ڪم ڪندي وقت اسان جي پيشاني تي ور تہ نٿا پون؟، ڇا انهن جا ڏڙڪا ٻڌي اکيون تہ نٿا ڏيکاريون؟، ڇا خرچو گهرڻ تي اسان حيلا بهانا تہ نٿا ڪيون؟، ڇا اسان کي ڏسي اسان جي والِده جي اکين کي ٿڌاڻ نصيب ٿيندي آهي؟، ڇا اسان پنهنجي ماءُ جو ادب ۽ اِحتِرام ڪريون ٿا؟ ڇا اسان پنهنجي ماءُ کان دعائن جي درخواست ڪريون ٿا؟ ياد رکو! امڙ جي دعا تمام جلد قَبُولِيت جي مِعرَاج کي پهچي ويندي آهي جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: ماءُ جي دُعا (اولاد جي لاءِ) جلد قَبول ٿيندي آهي. عَرض ڪيو ويو، ان جو ڇا سبب آهي؟ اِرشاد فرمايائون: ماءُ، پيءُ جي مقابَلي ۾ وڌيڪ مهربان(Kind) هوندي آهي ۽ رَحم جي دُعا رَد ناهي ٿيندي-(طبقات الشافية الكبري للسبكي، ۶/۳۱۷). اچو! اسان بہ ماءُ جي دعائن جي بَرڪتن تي مُشتَمِل ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا ۽ ماءُ جون دعائون وٺڻ وارا ڪم ڪرڻ جي نِيت ڪريون ٿا، جيئن تہ

## جنّت جو ساٿي

شَيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رِسالي "ساموندي

گنبذ“ صَفحي نمبر 7 تي بيان ڪن ٿا: حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڀيري الله پاڪ جي دربار ۾ عرض گذار ٿيا . ياربِ غَفَّار عَزَّ وَجَلَّ! مون کي منهنجو جنت جو ساٿي ڏيکار. الله عَزَّ وَجَلَّ فرمايو: فلاڻي شهر ۾ وڃو، اتي فلاڻو قصّاب (گوشت ڪپائڻ وارو) توهان جو جنّت جو ساٿي آهي، پوءِ حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام اتي ان قصّاب (گوشت ڪپائڻ واري) وٽ تشريف وٺي ويا، (ناواقفيت جي باوجود مسافر ۽ مهمان هجڻ جي ڪري) ان پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي دعوت ڪئي . جڏهن ماني کائڻ وينا تہ ان وڏو ٽوڪرو پاڻ وٽ رکي ڇڏيو، ان جي اندر ٻہ گرهہ وجهندو پاڻ هڪ گرهہ کائيندو هو. ايتري ۾ ڪنهن دروازو کڙڪايو، قصّاب (گوشت ڪپائڻ وارو) اٿي ٻاهر ويو، حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان ٽوڪري ۾ ڏٺو تہ ان ۾ تمام پوڙها مرد ۽ عورت هئا، حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي نظر پئي تہ انهن جي چَپن تي مُرڪ اچي وئي انهن پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي رسالت جي شهادت (يعني گواهي) ڏني ۽ انهي وقت وفات فرمائي ويا، قاصائي آيو تہ زنبيل (کجيءَ جي پنن مان ٺهيل ٽوڪري) ۾ پنهنجي والدين کي فوت ٿيل ڏسي معاملو سمجهي ويا، ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جا هٿ مبارڪ چُمي عرض ڪيائين: توهان الله عَزَّ وَجَلَّ جا نبي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام لڳو ٿا، پاڻ فرمايو: توکي ڪيئن اندازو ٿيو؟ عرض ڪيائين: منهنجا ماءُ پيءُ روزانو نهايت عاجزي سان دعا ڪندا هئا تہ ياالله عَزَّ وَجَلَّ! اسان کي حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي جلوَن ۾ موت نصيب فرماءِ، انهن ٻنهي جي اوچتي وفات تي مون اندازو لڳايو تہ اوهان ئي حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام هوندا . قاصائيءَ وڌيڪ عرض ڪيو: منهنجي ماءُ جڏهن ماني کائي وٺندي هئي تہ خوش ٿي منهنجي لاءِ اها دعا گهرندي هئي: ياالله عَزَّ وَجَلَّ منهنجي پٽ کي جنت ۾ حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو ساٿي بڻائجان .

حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: مبارڪ هجي الله عَزَّ وَجَلَّ توکي جنت ۾ منهنجو ساٿي بڻايو آهي- (سمندري گنبد،ص۷ملخصاً)

پڑوسی بنا مجھ کو جنّت میں اُن کا خدائے محمد برائے مدینہ

## ماءُ جي دعا جي سبب عتيق

اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا ابوبڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ کي "عَتِيق" چوڻ جو هڪ سبب اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ سندن والِده جو ڪو ٻار زنده نہ رهندو هو، جڏهن سندن ولادت ٿي تہ سندن والِده پاڻ کي ڪٺي بيتُ الله شريف وٺي ۽ ٻاڏائي ائين دُعا گهري: اي منهنجا پَروَردگار! جيڪڏهن منهنجو اهو پٽ مَوت کان آزاد آهي تہ هي مون کي عطا فرمائي ڇڏ. ان کان پوءِ پاڻ کي عَتِيق چيو ويندو هو- (تاريخ الخلفاء،ص ۲۲)

## ماءُ جو ادب

سلطان العارفين،حضرتِ سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عارفن جو امام ۽ زماني جا غوث هئا 160 هجري ۾بسطام (صوبو سمنان) ايران ۾ پيدا ٿيا پاڻ تقوي ۽ پرهيزگاري، حسنِ سلوڪ، همدردي عبادت ۽ رياضت جا پيڪر هئا ، اوهان جي باري ۾ منقول آهي تہ جڏهن پاڻ نماز پڙهندا تہ الله ڪريم جي خوف سبب سندن سيني جي هڏين مان چرچراهٽ جي آواز نڪرندي، ايستائين جو ماڻهو ان آواز کي ٻڌندا هئا. 15 شعبان المعظم 261 هجري ۾ سندن وفات ٿي ۽ اڄ بہ سندن مزار بسطام ۾ آهي (طبقاتِ صوفيه،67.تذڪره مشائخ نقشبنديه،ص70،76،65 ملتقطا) اڇو اوهان جو والده جي ادب جي متعلق هڪ واقعو ٻڌو.

سلطان العارفين،حضرتِ سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:سياري جي هڪ سخت رات منهنجي امان مون کان پاڻي گهريو، پاڻي جو گلاس ڀري

ڪٽي آيس پر اَمڙ کي ننڊ اچي وئي، مون جاڳائڻ مناسب نہ سمجهيو پاڻي جو گلاس ڪٽي انهي انتظار ۾ ماءُ جي ويجهو بيٺو رهيس تہ سجاڳ ٿين تہ پاڻي پيش ڪريان، بيٺي بيٺي گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ گلاس جو ڪجھ پاڻي وهي منهنجي آڱر تي برف بڻجي ويو هو، بهرحال جڏهن منهنجي اَمڙ بيدار ٿي تہ مون پاڻي جو گلاس پيش ڪيو برف جي ڪري منهنجي ڳنڍيل آڱر جيئن گلاس کان جدا ٿي تہ ان جي کل بہ جدا ٿي وئي ۽ رت وهڻ لڳو ماءُ هي ڏسي فرمايو: هي ڇا ؟ مون سڄي حقيقت بيان ڪئي تہ انهن هٿ ڪٽي دعا ڪئي: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان هن کان راضي آهيان تون بہ هن سان راضي رهجان.

(سمندري گنبد،ص۴)

## عظيم ماءُ

مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت علاّمہ مولانا سردار اَحمد قادِرِي چشتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مشرقي پنجاب (هند) ۾ 1321هجري بمطابق 1903ء ۾ پيدا ٿيا ۽ يڪم شعبان 1382 هجري بمطابق 29 ڊسمبر 1962ء ۾ وفات ٿي.اوهان جو ننڍ پڻ ٻين ٻارن کان مختلف هو،ننڍپڻ ۾ ئي ديني ڳالهين ۾ دلچسپي رکندا هئا. جڏهن هلڻ ڦرڻ جي قابل ٿيا تہ سندن پيءُ سان گڏ مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويندا هئا ذڪر ۽ اذڪار ۽ نعت خواني جو ايڏو شوق هو، جو عام طور هلندي ڦرندي نعتون پڙهندا ۽ ذِڪرُالله ڪندا هئا . (حيات محدث اعظم،ص30) سندن جي عظمت ۽ بزرگي ۾ سندن والده جي دعائن جو بہ عمل دخل هو اوهان جي والِده مُحتَرَمہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا اڪثر فرمائينديون هيون: اِنْ شَآءَالله(عَزَّ وَجَلَّ) منهنجو هي لاڏلو پٽ عظيم شَخصِيت جو مالِڪ ٿيندو ۽ گڏوگڏ اها دُعا بہ گهرنديون هيون: تنهنجو نالو سردار آهي، الله پاڪ اوهان کي دِين ۽ دُنيا جو سردار بڻائي ۽ دُنيا ڏٺو تہ واقعي عظيم پٽ جي حق ۾ ماءُ جي دُعا قَبول ٿي ۽ الله پاڪ سندن (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى

www.dawateislami.net

عَلَيْه) کي سردار بڻائي ڇڏيو. (حياتِ محدثِ اعظم ، ص۳۰ملخصاً)

پِیر و مُرشِد پر مِرے ماں باپ پر ہو سدا رَحمت اے نانائے حُسَین

سُبۡحٰنَ الله عَزَّ وَجَلَّ ! اوهان ڏٺو تہ! ماءُ جڏهن اَولاد جي حق ۾ دُعا گهرندي آهي تہ ان جا ڪهڙا مبارَڪ اَثر ظاهر ٿيندا آهن جو ماءُ جي دُعا جي بَرَڪت سان هڪ قاصائي نہ صرف جنّتي ٿي ويو بلڪ ان کي جنّت ۾ الله پاڪ جي نبي حضرت سيدنا موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جو پاڙو عطا ٿيڻ جي خوش خَبَري(Good News) سان بہ نوازيو ويو جڏهن تہ ماءُ جي دُعا جي بَرَڪت سان ئي مُحدّثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي دين ۽ دنيا جي سرداري عطا ٿي وئي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ اسان جا بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين پنهنجي ماءُ جي خدمت گزاري ڪري ان کي راضِي رکي انهن جي دعائن مان حصو ماڻيندا هئا. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ هنن الله وارن جي نَقشِ قدم تي هلندي پنهنجي ماءُ جي خدمت لاءِ تيار رهون تہ جيئن اسان بہ انهن جي اکين جا تارا بڻجي وڃون ۽ اهي خوش ٿي پاڻ اسان جي حق ۾ دُعائون ڪن تہ ”ربّ ڪريم! منهنجي اَولاد کي حافظِ قرآن، قاري قرآن، مُبَلِّغ دعوتِ اسلامي،عالِمِ باعمل ۽ مفتي دعوتِ اسلامي بڻاءِ، انهن کي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابيون عطا ڪر، انهن کي بِلاحساب ۽ ڪتاب جنّت ۾ داخِل فرماءِ، انهن سان هميشہ جي لاءِ راضِي ٿي وڃ“ وغيره. تہ اچو! اڄ اسان سيئي نِيت ڪريون ٿا تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪندا رهنداسين ، انهن جي نافرماني کان بچنداسين، انهن سان زبان درازي نہ ڪنداسين، انهن جي اڳيان هوريان آواز ۽ نگاهون هيٺ رکنداسين، انهن جي خلافِ مزاج ڳالهين ۽ سخت جُملن تي صَبر ڪنداسين، انهن جي ضرورتن کي پُورو ڪنداسين، پنهنجي حَيثِيت مطابِق انهن جي بهتر کان بهتر ڪفالت ڪنداسين، ماءُ پيءُ جي پسند ۽ ناپسند جو خيال رکنداسين، ماءُ پيءُ

جي ڏک تڪليف ۾ انهن جو سهارو ٿينداسين، ماءُ پيءُ جي آرام ۾ خلل نہ وجهنداسين، رُڌل والِدَين کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪنداسين، انهن جي کائڻ پيئڻ، رهڻ سهڻ ، دوا ۽ ٻين شين ۾ انهن جي خير خواهي ڪنداسين، انهن جو هر جائز حڪم مڃينداسين.اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو!بدقسمتي سان،**علمِ دين کان دوري جي سبب** اهڙن نادانن جي بہ هڪ تعداد آهي جيڪا **ماءُ پيءُ جي خوشي** تي پنهنجي خوشي قربان ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي نفساني خواهشات جي پنيان لڳي ماءُ پيءُ کي داءُ تي لڳائي ڇڏيندا آهن، جاتي پنهنجي مرضي هجي جائز ۽ ناجائز طريقي سان ماءُ پيءُ کي زبردستي مڃائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، مثال طور اولاد جوان ٿي وڃي ۽ ڪنهن سبب شادي ۾ تاخير ٿي رهي هجي تہ ڪڏهن ڪڏهن نادان اولاد ٻين سان ماءُ پيءُ جي شڪايت ڪندا آهن، تہ ڏسو هاڻي منهنجي شادي جي عمر ٿي وئي آهي، اها ئي عمر تہ جواني جون بهارون ڏسڻ جي آهي هاڻ بہ منهنجي شادي نہ ٿي تہ ڇا پوڙهائپ ۾شادي ڪندس؟ منهنجي ماءُ پيءُ کي منهنجي فڪر ئي ناهي آخر انهن کي ڪير سمجهائي!!! ڪير چوندو آهي مون کي فلاڻي جڳهہ تان ئي شادي ڪرڻي آهي، منهنجي ماءُ پيءُ کي ڇا خبر، بس منهنجي ئي مرضي هلندي، جيڪو مان چاهيان ٿو اهو منهنجا ماءُ پيءُ نہ ٿا چاهن.
ڪير چوندو آهي !منهنجي اسڪول/ڪالج جا طلبہ سير ۽ تفريح جي لاءِ مختلف تفريحي مقامن تي ويندا آهن ،آزاد گهمندا ڦرندا آهن،پر منهنجي پيءُ کي منهنجو ڪو احساس نہ آهي ،آخر منهنجا بہ ڪي جذبات آهن ڇا مان صرف گهر جي ئي چار ديواري ۾ ئي قيد رهان؟ ڪير چوندو آهي مونکان گڏ اٿڻ ويهڻ وارن جو لباس وڏو شاندار ۽ قيمتي هوندو آهي،منهنجي سادي لباس جي ڪري

اهڙن ماڻهن ۾ ويهندي مون کي شرم ايندو آهي.
اي ڪاش !اي ڪاش ! جو اسان پنهنجي ماءُ پيءُ جي جذبن کي سمجهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، ٿورو غور ڪريو اهي ڪير اهڙا ماءُ پيءُ هوندا جيڪي اولاد جون خوشيون نہ ڏسڻ چاهيندا هجن، ماءُ پيءُ هميشہ اولاد جي باري ۾ سٺو ئي سوچيندا آهن، پنهنجي دادلي اولاد جي لاءِ گهڻو ڪجھ ڪرڻ چاهيندا آهن پر ڪڏهن ڪڏهن حالات اجازت ناهن ڏيندا، ڪنهن جو پوڙهو پيءُ آرام ڪرڻ جي بجاءِ هاڻي بہ مزدوري ڪري پنهنجي گهر جو خرچو هلائي رهيو هوندو آهي، ماءُ ويچاري ڪوڙ بيمارين ۾ مبتلا هجڻ جي باوجود،پنهنجون دوائون بہ پوريون نہ ٿي ڪري سگهي بلڪ آرام کي قربان ڪري رات دير تائين ڪپڙا سلائي ڪري منهنجي پيءُ جي مدد ڪري ٿي جو ڪنهن طرح گهر جي دال ماني پوري ٿي وڃي.
مناٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اسان ڪيڏانهن هلي رهيا آهيون سوشل ميڊيا جي غلط استعمال اسان کي اهڙي طرح مفلوج ڪري رکيو آهي جو اسان جي سوچ ئي بدلجي وئي، اسان جي دلين مان ماءُ پيءُ جي قدر ۽ منزلت ئي ويندي رهي،اڙي اهڙي دوستي، اهڙي اوطاق تي ٿُف آهي جيڪا اسان کي ماءُ پيءُ جي قدمن کان پري ڪري معاشري جي گندگين جي ڍير ۾ اڇلائي ڇڏي، خدارا هوش ڪريو !اي الله اسان کي حضرت سيدنا موسیٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي جنت جي ساٿي ان قاصائي جو صدقو نصيب ڪر، اي الله حضرت سيدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو صدقو اسان کي ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻاءِ، اي الله !حضرت سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي صدقي اسان کي ماءُ پيءُ جو حقيقي خدمتگار بڻاءِ، اي الله محدث اعظم پاڪستان حضرت علاما مولانا سردار احمد قادري چشتي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي صدقي هميشہ ماءُ پيءُ کان دعائون وٺڻ وارو بڻاءِ .

مناٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان به پنهنجي ماءُ پيءُ کي راضي رکڻ چاهيون ٿا ۽ اميد آهي ته سڀ ئي چاهيندا هوندا پوءِ اچو اسان اهڙي چڱي صحبت اختيار ڪريون جتي ماءُ پيءُ جو ادب سيکاريو ويندو هجي، جتي ماءُ پيءُ جي تعظيم ۽ توقير ڪرڻ سيکاري ويندي هجي، هن پرفتن دور ۾ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جو مدني ماحول الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، قربان وڃان الله جي ولي باني دعوت اسلامي امير اهلسنت تي جو جن جي مدني تربيت سان اهڙن لکين نوجوانن جي زندگين۾مدني انقلاب پيدا ٿيو آهي ته جيڪي پنهنجي والدين جي لاءِ تڪليف جو سبب بڻيل هئا،اهي خوش نصيب اڄ ماءُ پيءُ جي لاءِ آرام جو سامان بڻجي ويا آهن، هڪ تعداد اهڙي هوندي جن جي شرارتن يا بري حرڪتن جي ڪري ماءُ پيءُ جون ننڊون حرام ٿي ويون هونديون پر دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان هاڻي سڪون جي ننڊ نصيب ٿي هوندي.

اچو اسان مدني انعامات تي عمل ڪريون، مدني قافلن جا مسافر بڻجي وڃو، اسان کي خبر پوندي ته ماءُ پيءُ جون دعائون ڪيئن ورتيون وينديون آهن، هفته وار سنتن ڀري اجتماع ۾ نه صرف پاڻ شرڪت جي سعادت حاصل ڪريو بلڪ پنهنجي دوست احباب کي به شرڪت ڪرايو، پوءِ خبر پوندي ته ماءُ پيءُ کي ڪهڙي طرح خوش ڪري ان جي دل جو دعائون وٺي سگهجن ٿيون.مدني دوري جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي پيش ڪريو، هر وقت پنهنجو پاڻ کي نيڪي جي ڪمن جي لاءِ تيار رکون .

يقيناً ماءُ پيءُ جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ اَولاد تي لازِم آهي البت ماءُ پيءُ جيڪڏهن ڪنهن خلافِ شرع ڳالھ جو حڪم ڏين مثال طور ڏاڙهي ڪوڙائڻ وغيره ته ان صورت ۾ شريعت انهن جو حڪم مڃڻ کان منع فرمايو

آهي ڇوتہ ربّ ڪريم جي نافرماني ۾ مخلوق جي فرمانبرداري ڪرڻ جائز نہ آهي، جيئن تہ

## جيڪڏهن ماءُ پيءُ پاڻ ۾ وڙهن تہ اولاد ڇا ڪري؟

اعليٰ حضرت،اِمامِ اَهلسنّت، مولاناشاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ماءُ پيءُ پاڻ ۾ وڙهن تہ نہ ماءُ جو ساٿ ڏي نہ پيءُ جو، هرگز ائين نہ ڪري جو ماءُ جي محبت ۾ پيءُ تي سختي ڪري، پيءُ جي دل آزاري يا ان ڪي سامهون جواب ڏيڻ يا بي ادبي سان اکين ۾ اکيون ملائي ڳالهائڻ هي سڀ ڳالهيون حرام ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني آهي، اولاد ڪي ماءُ پيءُ مان ڪنهن جو ائين ساٿ ڏيڻ هرگز جائز ناهي، اهي ٻئي ان جا جنت ۽ دوزخ آهن، جنهن ڪي بہ ايذاء ڏيندو جهنم جو حقدار ٿيندو. والعِيَاذُ بِاللّٰه (يعني الله عَزَّ وَجَلَّ جي پناهہ) خالق جي نافرماني ڪرڻ ۾ ٻئي ڪنهن جي فرمانبرداري جائز ناهي. مثال طور ماءُ چاهي ٿي تہ پٽ پيءُ ڪي ڪنهن طرح تڪليف پهچائي ۽ جيڪڏهن پٽ نٿو مڃي يعني سختي ڪرڻ لاءِ راضي نہ ٿو ٿئي تہ هو ناراض ٿئي ٿي تہ ماءُ ڪي ناراض ٿيڻ ڏي ۽ هرگز انهي معاملي ۾ ماءُ جي ڳالهہ نہ مڃي اهڙي طرح ماءُ جي باري ۾ پيءُ جي ڳالهہ نہ مڃي. علماءِ ڪرام هن طرح تقسيم فرمائي آهي تہ خدمت ۾ ماءُ ڪي ترجيح آهي ۽ تعظيم پيءُ جي وڌيڪ آهي ڇاڪاڻ تہ هو ان جي ماءُ جو بہ حاڪم ۽ آقا آهي-(سمندري گنبد،ص٢١)

## والدين ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو حڪم ڏين تہ نہ مڃجي

(شَيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا:) خبر پئي تہ ماءُ پيءُ جيڪڏهن ڪنهن ناجائز ڳالهہ جو حڪم ڏين تہ انهن جي ڳالهہ نہ مڃو، جيڪڏهن ناجائز ڳالهين ۾ انهن جي پيروي ڪنداسين تہ گناهگار ٿينداسين، مثلاً ماءُ پيءُ ڪوڙ ڳالهائڻ جو حڪم ڏين يا ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو حڪم ڏين يا

هڪ مُٺ ڪان گھٽائڻ جو حڪم ڏين ته انهن جون اهي ڳالهيون ڪنهن به صورت ۾ نه مڃو پلي ڪٽي اهي ڪيترو به ناراض ٿين، اوهان هرگز نافرمان نه ٿيندا، ها جيڪڏهن مڃي ورتيون ته خداءِ حنّان ۽ منّان عَزَّ وَجَلَّ جا ضرور نافرمان سڏيا ويندا، اهڙي طرح ماءُ پيءُ جي پاڻ ۾ طلاق ٿي وئي هجي ته هاڻ پلي ماءُ روئي روئي ڪري چوي ڪير نه بخش ڪندس ۽ حڪم ڏي پنهنجي والد سان نه ملجان ته اهو حڪم نه مڃي، والد سان ملڻو پوندو ۽ ان جي خدمت ڪرڻي پوندي انهن جي جيتوڻيڪ جدائي ٿي چڪي پر اولاد جو رشتو ساڳئي طرح سان باقي آهي اولاد تي ٻنهيءِ جا حق برقرار آهن۔(سمندري گنبد،ص۲۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”چوڪ درس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماءُ پيءُ جي اَهمّيت ڪان آگاهي حاصِل ڪرڻ، انهن جي خدمت ڪرڻ جو جذبو وڌائڻ، انهن جيءِ دُعائن جو حقدار بڻجڻ ۽ اُنهن کي راضي رکڻ جا طريقا ڄاڻڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ 12 مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم چوڪ درس به آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ چوڪ دَرس مُسلمانن کي بُرائين ڪان بچائڻ جو ذريعو آهي❖، چوڪ درس بي نمازين کي نمازي بڻائيندو آهي❖چوڪ درس مسجدن ڪان پري رهڻ وارن کي مسجدن جي حاضري جو شرف ڏياريندو آهي❖چوڪ درس جي برڪت سان نيڪين ۾ رَغبت پيدا ٿيندي آهي،❖چوڪ درس جي برڪت سان علائقي ۾ مدني ڪمن جي ڌوم مچي ويندي آهي❖ چوڪ درس نمازن جي پابندي جو ذِهن بنائڻ سان گڏوگڏ عِلمِ دِين جون گهٽيون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جو ذريعو آهي جو ذريعو آهي ۽ ماڻهن تائين عِلمِ دِين جون ڳالهيون پهچائڻ اَجر ۽ ثواب جو ڪم آهي. جيئن ته

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو! جيڪو شخص منهنجي اُمَّت تائين ڪا اسلامي ڳالهه پهچائي ته جيئن ان سان سُنَّت قائم ڪئي وڃي يا ان سان بد مذهبي دور ڪئي وڃي ته اهو جنّتي آهي.[1] اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا. جيئن ته

## چوڪ درس جي بَرَڪت سان سُڌري ويو

لائنز ايريا (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي گهٽي ۾ بيٺل دعوتِ اسلامي جو هڪ باعِمامہ اسلامي ڀاءُ اڪيلو ئي چوڪ درس ڏئي رهيو هو، هو پاڻ پلي ڪٽي دين کان عملي طور تي ايتري قدر پري هو جو سَبز عمامي وارن کي ڏسي ڪري ڀڄي ويندو هو، پر الائي ڇو هن کي اَڪيلو درس ڏيندي ڏسي انهن کي ترس اچي ويو، سو هو چوڪ درس ۾ شريڪ ٿي ويو، ان جو چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيڻ ئي ان جي اِصلاح جو سبب بڻجي ويو ۽ هو مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، هي بيان ڏيڻ وقت هو اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي علائِقي جي مدني اِنعامات جو ذميدار آهي، هڪ اهو ڏينهن هو جو سَبز عمامي وارن کي ڏسي ڪري ڀڄي ويندو هو ۽ اڄ اهو ڏينهن آهي جو پاڻ ان جي مٿي تي سَبز سَبز عِمامي جو تاج جڳمڳ ڪري رهيو آهي.

تمھیں لُطف آجائے گا زندگی کا    قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
نبی کی مَحَبَّت میں رونے کا انداز    چلے آؤ سکھلائے گا مَدَنی ماحول
اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ    تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللّٰه    تم اپنائے رکھّو سدا مَدَنی ماحول

---

[1]... حلیۃ الاولیاء، ۱۰/۴۵، حدیث: ۱۴۴۶۶

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جھڙي طرح ماءُ جي دُعا اَولاد جي حق ۾ مقبول آهي اهڙي طرح ان جي بد دُعا بہ مقبول آهي تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هرگز هرگز ڪو اهڙو ڪم نہ ڪريون جو جنهن سبب اسان جي والِده کي ڪنهن قسم جي تڪليف ٿي يا هوءِ اسان جي لاءِ ڪا بد دُعائون ڪري، ڪيترا نادان آهن اهي ماڻهو جيڪي ماءُ جي بد دُعائون وٺڻ وارا ڪم ڪن ٿا، خُدا جو قسم! جيڪڏهن اهي ناراض ٿي پنهنجي اَولاد جي لاءِ بددُعا ڪن تہ ذِلّت ۽ رُسوائي ان جو مُقدَّر بڻجي ويندي آهي. اچو! ان باري ۾ هڪ سبق آموز حڪايت مُلاحَظہ ڪريو ۽ عبرت حاصِل ڪريو، جيئن تہ

## ماءُ جي بددعا سبب ٽنگ ٽٽي پئي

شَيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تصنيف"نيڪي جي دعوت" صَفحي نمبر441 تي لکن ٿا: حضرت علامہ ڪَمالُ الدين دَميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا: "زَمَخشَري (جيڪومُعتَزلي فرقي جو وڏو مشهور عالم هو ان) جي هڪ ٽنگ ڪٽيل هئي ماڻهن جي پڇڻ تي ان ٻڌايو تہ هي منهنجي ماءُ جي بددعا جو نتيجو آهي، ڳالهہ هي آهي تہ مون ننڍپڻ ۾ هڪ جهرڪي پڪڙي ۽ ان جي ٽنگ ۾ هڪ ڌور ٻڌي هئي اتفاق سان اها منهنجي هٿ مان اُڏري هڪ ديوار جي سوراخ ۾ گهڙي وئي پر ڌور ٻاهر ئي هئي مون ڌور مان پڪڙي زور سان ڇڪ ڏني تہ جهرڪي ٻاهر آئي پر ويچاري جي ٽنگ ڌور سان ڪٽجي ڇڪي هئي، منهنجي اَمڙ جڏهن هي دردناڪ مَنظر ڏٺو تہ صدمي وچان تڙپي ڪري سندن جي واتان منهنجي لاءِ هي بددعا نڪتي: "جهڙي نموني تو هن بي زبان جي ٽنگ ڪٽي آهي الله تعالىٰ تنهنجي بہ ٽنگ ڪٽي" ڪجھ

وقت کان پوءِ مون علم حاصل ڪرڻ لاءِ "بخارا" جو سفر ڪيو، سفر ڪندي مان رستي ۾ سواري تان ڪري پيس، ٽنگ تي شديد ڌڪ لڳو، "بخارا" پهچي ڪافي علاج ڪرايو پر تڪليف نہ وئي آخرڪار ٽنگ ڪٽائڻي پئي. ( ۽ ائين ماءُ جي بددعا پوري ٿي) - (حياةُ الحيوان الکبرٰي،٢ / ١٦٣)

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا ورنہ ہے اِس میں خسارہ آپ کا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل حڪايت ۾ جتي جانورن ۽ ماءُ پيءُ کي تڪليف ڏيڻ وارن جي لاءِ عبرت جا مَدَني گل آهن، اتي ماءُ پيءُ جي لاءِ بہ غور جو مقام آهي، خاص ڪري اهي مائرون جيڪي ڳالھ ڳالھ تي پنهنجي اَولاد کي ان طرح ڇئي ڇڏينديون آهن تہ تون برباد ٿي وڃي، تون تباهہ ٿي وڃي،توکي ڪوڙهہ نڪري وغيره بددعائون ڏين ٿيون انهن کي پنهنجي زَبان قابُو ۾ رکڻ گهرجي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو قَبولِيت جي گهڙي هجي، دُعا قَبول ٿي وڃي ۽ اَولاد کي سچي پچي "ڪجهہ" ٿي وڃي ۽ ائين ماءُ پاڻ بہ ٽينشن(Tension) ۾ اچي وڃي! تنهنڪري اَولاد کي صِرف ڀلائي جي دعا سان نوازڻ ئي وڌيڪ مُناسِب آهي.الله ڪريم اسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ کي خوش رکڻ ۽ انهن جون دعائون وٺڻ جي تَوْفِيق عطا فرمائي۔

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## جامعة المدينہ (للبنات)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جتي اسلامي ڀائرن کي ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري جو ذِهن ڏيڻ جي لاءِ مختلف شعبا قائم ڪيا آهن اتي اسلامي ڀينرن کي بہ پنهنجي والِدَين

جي اکين جو تارو بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي کيئي شعبا قائم کيا آهن. انهن مان هڪ "مجلس جامعةُ المدينہ (للبنات)" بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلس جامعةُ المدينہ (للبنات) جي تحت مُلڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾تقريباً266 (بہ سوڇاهٺ) جامعاتُ المدينہ (للبنات) قائم آهن. جن ۾گهٽ وڌ 1623 (سورهن سو ٽيويهہ) طالبات دَرسِ نِظامي (عالِمہ ڪورس) جي مفت تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. ڪم و بيش3600 (ٽي هزار ڇهہ سو) اسلامي ڀينرون دَرسِ نِظامي (عالِمہ ڪورس) جڏهن تہ تقريباً414 (چارسو چوڏهن) اسلامي ڀينرون 25 مهينن جو"فَيضانِ شريعت ڪورس" ڪرڻ جي سعادت حاصِل ڪري چڪيون آهن،سوين اسلامي ڀينرون جامعة المدينہ للبنات ۾ نظامت ۽ تدريس جي منصب تي ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن، هزارين اسلامي ڀينرون ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ،پنهنجي علائقن/شهرن ۾ ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي 8 مدني ڪمن ۾ مختلف ذميدارين تي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيون آهن اچو اسان بہ پنهنجي گهر جي اسلامي ڀينرن کي جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايون ۽ پنهنجي لاءِ ثوابِ جاريہ جو سامان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون)

اے دعوتِ اسلامی تِری دُھوم مچی ہو　　　　اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

رسالو "جنتي محل جو جو سودو" جو تعارف

منامنا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ماءُ ڀيءُ جي خدمت جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو رسالو"ساموندي گمبذ" جو مطالعو مفيد رهندو ان کان علاوه وقت بہ وقت مڪتبة المدينہ جا ٻيا ڪتاب ۽ رسالا پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ پيش ڪريومڪتبة المدينہ جو هڪ نهايت ئي پيارو

رسالو ”جنتي محل جو سودو“ بہ آهي.هن رسالي ۾❖ راهہ خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ وارن تي انعامن جو تذڪرو❖نيڪ ماڻهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جو حڪم❖ الله وارن جي گستاخي ڪرڻ وارن جو انجام❖ دنيا جي محبت دل ۾ ويهارڻ جو انجام❖ دنياوي مال ۽ دولت جمع ڪرڻ جو وبال❖ عبادت کان غافل ڪرڻ وارن سبب جو تذڪرو ۽ ان کان علاوه گهڻو ڪجهہ موجود آهي.اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪري پاڻ بہ مطالعو (Study) ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net کان هن رسالي کي ريڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو،ڊائون لوڊ ۽ پرنٽ آئوٽ بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ

☆ماءُ پيءُ ڏانهن نظرِ رَحمت ڪرڻ سان مقبول حج جو ثواب ملندو آهي.

☆ماءُ پيءُ جو نافرمان دُنيا ۽ آخِرت ۾ ذَليل ۽ رُسوا ٿي ويندو آهي.

☆ماءُ پيءُ جي نافرماني جي حالت ۾ صُبح ڪرڻ واري جي لاءِ جهنّم جا 2 دروازا کلي ويندا آهن.

☆ماءُ جي دُعا مصيبتن ۽ آزمائشن کان ڇوٽڪارو ڏياريندي آهي.

☆ماءُ جي دُعا جنّت جو حقدار بڻائيندي آهي.

☆ماءُ اَولاد جي خاطِر پنهنجي خواهشن کي قُربان ڪندي آهي.

☆ماءُ جو فرمانبردار جنّت ۾ نيڪ ماڻهن سان گڏ هوندو.

☆ماءُ جي بد دُعا انسان کي دُنيا ۽ آخِرت ۾ ذليل ۽ رُسوا ڪندي آهي. ربّ ڪريم سيني مسلمانن کي پنهنجي والِدَين جي فرمانبرداري ڪرڻ، اُنهن کي راضِي رکڻ، اُنهن جي لاءِ دعائون ڪرڻ، انهن جو هر جائز حڪم مڃڻ ۽ انهن جي دُعائن مان حِصّو ماڻڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيۦ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شَيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي رِسالي "101 مَدَني گل" مان سلام ڪرڻ جون سُنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ☆ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ☆ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت جلد 3 صفحي 469 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: "سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهيو

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيء ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو (بهار شريعت ،۴۵۹/۳،حصه ۱۶ ملخصا)☆ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچ وڃ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ☆ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي☆ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو **الله** عَزَّ وَجَلَّ جو مُقرّب آهي ☆ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري (آزاد) آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786) ☆ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. (ڪيميائے سعادت) ☆ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملنديون آهن، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪي ماڻهو سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ بہ وڌائيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي، بلڪ ڪي تہ مَعاذالله عَزَّ وَجَلَّ ايتري تائين بڪندا آهن، اوهان جا ٻار اسان جا غلام ☆ سلام جو جواب جلدي ۽ ايذي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو

هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

خُوب ہوگا ثواب اور ٹلے گا عذاب   پاؤ گے بخششیں ، قافلے میں چلو
دل پہ گر زَنگ ہو ، سارا گھر تنگ ہو   داغ سارے دُھلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!   صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناہ معاف ڪيا ويندا.(2)

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305